# خواجه نصيرالدين جون به ڪهاڻيون

خواجه نصيرالدين ڪير هو؟ لفظ ‘خواجه‘ ترڪي زبان ۾ استاد لاءِ استعمال ٿيندو آهي. سو خواجه نصيرالدين به گهڻو ڪري هڪ ترڪ استاد هو. اسان ان جي باري گهڻو ته نه ٿا ڄاڻون سواءِ ان جي ته پاڻ هڪ ترڪ مسلمان هو. جيڪو تيرهين صديءَ ڌاري ترڪيءَ ۾ رهندو هو. ٻين سندس باري ۾ ڪهاڻيون لکيون، ۽ انهن ڪهاڻين کي مسلم ملڪن ۾ ته مشهوري ملي پر انهن جو ترجمو ٻين ملڪن ۾ پڻ شوق سان پڙهيو وڃي ٿو. انهن ڪهاڻين مان معلوم ٿئي ٿو ته جيتوڻيڪ خواجه نصيرالدين هڪ داناءُ ۽ عقلمند شخص هو پر ٻوڳ ئي ٻوڳ ۾ ٻين کي سبق سيکارڻ خاطر ڪجه احمقن جهڙيون کلائيندڙ ڳالهيون پڻ ڪري ويندو هو.

پهرين ڪهاڻي

خواجه نصيرالدين چنڊ کي بچائي ورتو

هڪ رات جو ذڪر آهي ته خواجه نصيرالدين ڪٿان ڪان گهر واپس اچي رهيو هو، ٿڌڙي ٿڌڙي هوا لڳي رهي هئي، آسمان ۾ لکين تارا چمڪي رهيا هئا ۽ تارن جي ميڙ ۾ روشن پورو چنڊ زمين وارن ڏانهن ڏسندي مرڪي رهيو هو. ان پل کان لطف اندوز ٿيندي سيٽي وڄائيندي هو گهر جي طرف وڃي رهيو هو، رستي ۾ هڪ کوهه هو، خواجه نصيرالدين کي دل ۾ خيال آيو ته ڏسان ته سهي کوه ۾ ڪيترو پاڻي آهي سو هن کوه ۾ ليئو پائي ڏٺو ۽

پوءِ امالڪ وڏي رڙ ڪندي چيائين ’ اڙي پيٽان اسان جو چنڊ ته کوهه ۾ ڪري پيو آهي‘ بدحواسي ۾ هن نڪي اڳيان نه پويان نڪي مٿي آسمان طرف ڏٺوءِ بس واچ مينهن ڪندو ڊوڙندي گهر ويو

گهر مان هڪ رسو کنيائين جنهن جي هڪ چيڙي تي لوهه جو ٻل لڳل هو. هن رسي جي هڪ چيڙي کي مضبوطي سان پڪڙيندي لوهه جي ٻل کي کوهه ۾ وجهندي پريشان ٿيندي پنهنجي منهن پڻڪندي چيو ته ’لڳي ٿو ته شيطان چنڊ کي آسمان منجهان چني هن کوهه ۾ ڦٿو ڪري ڇڏيو آهي‘

جڏهن خواجه اهو سمجهيو ته هاڻي چنڊ ٻل جي ڪنڊي ۾ اٽڪي چڪو هوندو ته هن رسو ڇڪيو پر اهو ڪندو ته کوهه ۾ پيل هڪ ڳري پٿر سان اٽڪجي پيو هو، سو جڏهن هن تمام گهڻو زور لڳايو ته ڪنڊو رسي کان الڳ ٿي ويو ۽ خالي رسو ٻاهر نڪري آيو ۽ خواجه پاڻ ڌڙام سان پٺي پر وچي پرپرو زمين تي ڪريو ۽ هڪ دل ڏاريندڙ رڙ سندس وات مان نڪتي. پر انهيءَ پل ۾ سندس نظر مٿي آسمان طرف کڄي وئي کيس ساڳو چمڪندڙ چنڊ نظر آيو جيڪو دنيا وارن ڏانهن ڏسندي مرڪي رهيو هو. هاڻي خواجه کان خوشي منجهان رڙ نڪتي چنڊ ڏانهن ڏسندي چيائين ’ ڏڪ ته واه جو لڳو اٿم پر پرواه ناهي، چاڪاڻ ته مان چنڊ کي ٻڏڻ کان بچائي، کوه مان ڪڍي ٻيهر آسمان ڏانهن موڪلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهيان. ‘

ٻي ڪهاڻي

خواجه ۽ ڀوڳ رڌڻ وارو وڏو ديڳڙو

هڪ ڏينهن خواجه نصيرالدين پنهنجي پاڙيواري جي در تي ويو ۽ چيائين ته ‘ ادا، منهنجي
زال اسان جي پوري خاندان جي دعوت ڪئي آهي پر مسئلو اهو آهي ته اسان جي گهر
ايڏو وڏو ديڳڙو آهي ئي ڪونه، ڇا توهان اسان کي هڪ ٻن ڏينهن لاءِ هڪ وڏي ديڳڙو
اڌارو ڏئي سگهو ٿا؟‘ پاڙيواري وٽ جيتوڻيڪ هڪ وڏو ديڳڙو هو پر هو اهو ديڳڙو
خواجه کي ڏيڻ نه پيو چاهي، انهي جو هڪ سبب ته اهو هو ته هو نهايت ڪنجوس هو ۽
ٻيو سبب اهو هو ته هو سمجهي پيو ته خواجه لاپرواه ماڻهو آهي سو ڪٿي سندس ديڳڙو
خراب نه ڪري ڇڏي، پر وري اهو سوچيندي ته آخرڪار خواجه سندس پاڙيسري آهي
سو بي دلي سان ئي پر ديڳڙو آڻي کيس ڏنائين ۽ تاڪيد پڻ ڪيائينس ته ’’ ٿورو احتياط
سان استعمال ڪجو.‘‘

’’توهان ان جي ڳڻتي نه ڪيو‘ خواجه خوشدلي سان وراڻيو ۽ ديڳڙو کڻي گهر روانو ٿيو.

ٻئي ڏينهن ديڳڙو کڻي پاڙيسري وٽ پهتو ٿورا مڃيندي کيس ديڳڙو واپس ڪيائين.

پاڙيسري اهو جائزو وٺڻ ڪاڻ ته ڪٿي ديڳڙي کي ڪو نقصان ته ڪونه پهتو آهي،
جيئين ئي ڍڪ کوليائين ته ان جي اندر هڪ ننڍو ديڳڙو پيو هو ’’هي ڇا آهي؟‘ پاڙيسري
پڇيو ته خواجه اطمينان سان وراڻيو ته ’’رات ديڳڙو ڏوئڻ کان پوءِ اسان الماري ۾ رکيو
صبح جو اسان ڏٺو ته ان جي اندرهي ننڍڙو ديڳڙو پيو آهي، يقيناً رات جي ڪنهن پهر ۾

توهان جي ديڳڙي هن کي ڄڻيو آهي، سو اهو توهان جي ديڳڙي جو اولاد آهي ۽ ان تي توهان جو حق آهي.“

ڪنجوس پاڙيسري اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو سوچيائين ته ديڳڙن جو تعداد وڌائڻ جو اهو صحيح طريقو آهي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ٻيهر خواجه ڪائنس ديڳڙي جي گهر ڪندي چيو ته مهمان آيا آهن، هن پيري پاڙيسري کيس خوشي سان ساڳو ديڳڙو آڻي ڏنو. پر هن پير جڏهن به ٽي ڏينهن گذري ويا پاڙيسري انتظار ڪندو رهيو پر کيس ديڳڙو واپس نه مليو ته هو پاڻ خواجه جي در تي پهتو ۽ پڇيائيس ته ’ڇا مسئلو آهي ايترا ڏينهن گذري ويا آهن تو منهنجو ديڳڙو موٽائي ڇونه ڏنو آهي؟“ اهو ٻڌندي خواجه ڏکاري لهجي ۾ ذري گهٽ روئڻهارڪو ٿيندي جواب ڏنو ”افسوس ته تنهنجو ديڳڙو فوت ٿي ويو“ اهو ٻڌندي ئي پاڙيسري جو چهرو ڪاوڙ منجهان ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چيائين “اها ڪهڙي بڪواس پيو ڪرين، ڀلا ديڳڙو ڪيئن مري سگهي ٿو؟!!“

خواجه مرڪندي چيو ته ”جيڪڏهن تون اها ڳاله مڃي ورتي هئي ته ديڳڙو ٻچو پيدا ڪري سگهي ٿو ته پوءِ ڀلا اها ڳاله ڇو نه ٿو مڃين ته ديڳڙو مري به سگهي ٿو.“

پاڙيسريءَ هن ڏانهن غضب ناڪ نظرن سان ڏٺو ۽ پوءِ خاموشي سان ڪنڌ جهڪائي اتان اٿي هليو ويو، هن وٽ خواجه جي سوال جو ڪوبه جواب ڪونه هو.

......

**آمنه اظفر**

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**